# عقيقي جي باري ۾ سوال جواب




شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# پهريان هن کي پڙهو..........

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ سگِ مدينہ **عطار بد اطوار** غَفَرَلَهُ الْغَفَّار **جي قُرَّةُ الْعُيُوْنِ وَالْاَبْصَار** (يعني اکين جي ٺار) **الحاج ابو اُسَيد عُبيد رضا اِبنِ عطار** سَلَّمَهُ اللّٰهُ السَّتَّار **جي گهر اڱاري جي ڏينهن 21 ماهِ ولادتِ محبوبِ ربِّ لَمْ يَزل، رَبيعُ الاول 1428هـ** (10.04.2007) **جو مدني منّيءَ جي ولادت ٿي. چوڏهين ڏينهن** بروز سومر شريف (5 ماهِ شيخ عبدُالقادر، ربيعُ الآخر 1428هـ) **تي اجتماعي عقيقي شريف جي ترکيب ٿي. ۽ اِن ۾ منهنجي پياري نگرانِ شوريٰ جي ٻن مدني منّين ۽ وڏيڪ هڪ اسلامي ڀاءُ جي ٻن شهزادن جا عقيقا بہ شامل ڪيا ويا. "**بِسْمِ اللّٰه**" جي ست اکرن جي نسبت سان عقيقي جا ست جانور ذبح ٿيا ۽ رات جو غلامزادي جي گهر "بيتِ عبرت" جي ڇت تي ڪاڏي جي دعوت ٿي. ان کان پوءِ "عقيقي" جي عنوان تي "مدني مذاڪرو" ٿيو. تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريک دعوتِ اسلامي جي مدني مجلس "اَلْمَدِينَةُ الْعِلمِيہ" جي طرفان نظرِثاني ۽ تخريج جي ڪاوش ۽ "مجلسِ مدني مذاڪره" جي پيشڪش تي اُهو مَدَني مذاڪرو ضروري ترميم سان مڪتبة المدينہ جي طرفان رسالي جي صورت ۾ "عقيقي جي باري ۾ سوال جواب" جي نالي سان منظرِ عام تي آندو ويو آهي. اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **هن کي قبول فرمائي ۽ مخلوق لاءِ نفع بخش بڻائي ۽ هن جي پڙهڻ واري هر مسلمان جي بي حساب مغفرت ڪري.**

آمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# عقيقي جي باري ۾ سوال جواب

شيطان ڪيتري به سستي ڏياري هي رسالو مڪمل پڙهي وٺو. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ معلومات جو هڪ انمول خزانو هٿ ايندو.

## دُرُود پاڪ جي فضيلت

حضرت سيِّدُنا ابودرداء رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته شفيعُ الْمُذْنِبِيْن، رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان دلنشين آهي: ”جنهن مون تي صبح ۽ شام ڏهه ڏهه ڀيرا **درودِ پاڪ** پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت نصيب ٿيندي.“ (مجمع الزوائد ج 10 ص 163 حديث 17022)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عقيقي جي معنيٰ

**سوال 1:** عقيقي جي معنيٰ ڇا آهي؟

**جواب: عقيقي جي لفظي معنيٰ:** عقيقو عَقٌّ مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڪٽڻ، جدا ڪرڻ. (مرآة ج 6، ص 2)

**عقيقي جي شرعي معنيٰ:** ٻار پيدا ٿيڻ جي شڪراني ۾ جيڪو جانور ذبح ڪيو ويندو آهي ان کي **عقيقو** چئبو آهن.

(بهارِ شريعت ج 3 ص 355)

**سوال 2:** عقيقي ڪرڻ ۾ ڪهڙيون سنيون نيّتون ڪرڻ گهرجن؟

**جواب:** پٽ يا نياڻيءَ جي ولادت جي خوشي تي، بطور نعمت جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

شڪراني، سنّت ادا ڪرڻ ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ **عقيقي** جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. ان ڪان علاوه بہ حال آهر نيّتون ڪري سگهجن ٿيون. ياد رهي! سني نيّت ڪان سواءِ چڱي عمل جو ثواب ناهي ملندو. ظاهر اهو ئي آهي تہ **عقيقو** ڪرڻ وقت، ڪرڻ واري جي دل ۾ **عقيقي** جي نيّت تہ هوندي آهي تڏهن بہ جيتريون سنيون نيّتون وڌيڪ، اوترو ئي ثواب بہ وڌيڪ. **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ **مسلمان جي نيّت ان جي عمل ڪان بهتر آهي.** (المعجم الڪبير للطبراني ج 6 ص 185 حديث 5942)

## چا عقيقو نہ ڪرڻ گناهہ آهي؟

**سوال3:** چا "**عقيقو**" نہ ڪرڻ وارو گناهگار ٿيندو آهي؟

**جواب: عقيقو** فرض يا واجب ناهي، صرف سنّتِ مُستَحَبہ آهي، ۽ ڇڏي ڏيڻ گناهہ ناهي. (جيڪڏهن گنجائش هجي تہ ضرور ڪرڻ گهرجي، نہ ڪيائين تڏهن بہ گناهہ ناهي البت عقيقي جي ثواب ڪان محرومي آهي) غريب ماڻهو جي لاءِ هرگز جائز ناهي تہ هو وياج تي قرض ڪڻي عقيقو ڪري. (ماخوذ از اسلامي زندگي ص 27)

## بنا عقيقي جي مرڻ وارو ٻار شفاعت ڪندو يا نہ؟

**سوال4:** چا اِهو صحيح آهي تہ جيڪو ٻار بنا **عقيقي** جي وفات ڪري ويو اُهو پنهنجي ماءُ پيءُ جي **شفاعت** نہ ڪندو؟

**جواب:** جي ها، پر ان جون صورتون آهن: جنهن ٻار **عقيقي** جو وقت پاتو يعني اهو ٻار ستن ڏينهن جو ٿيو ۽ بنا ڪنهن عذر جي استطاعت

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

(يعني طاقت) جي باوجود ان جو **عقيقو** نه ڪيو ويو ته اهو ٻار پنهنجي ماءُ پيءُ جي **شفاعت** نه ڪندو. حديثِ پاڪ ۾ آهي ته اَلْغُلَامُ مُرْتَهَنٌ بِعَقِيْقَتِهٖ يعني "ڇوڪرو پنهنجي **عقيقي** ۾ گروي آهي." (ترمذي ج 3 ص 177 حديث 1527) **اَشِعَّةُ اللَّمَعَات** ۾ آهي، **امام احمد** رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ **فرمائن ٿا:** "جيستائين ٻار جو **عقيقو** نه ڪيو وڃي ان ڪي والدين جي حق ۾ شفاعت ڪرڻ کان روڪيو ويندو آهي." (اشعة اللمعات ج 3 ص 512)

**صَدْرُالشَّرِيعه، بَدْرُالطَّرِيقه حضرت علامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی **مذڪوره حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا:** "گروي ٿيڻ جو مطلب اِهو آهي ته جيستائين ان جو **عقيقو** نه ڪيو وڃي اُن مان پورو نفعو حاصل نه ٿيندو ۽ ڪن (محدثن) چيو، ٻار جي سلامتي ۽ ان جي نشو نما (وڌڻ، وڌو ٿيڻ) ۽ اُن ۾ چڱين خوبين جو هجڻ **عقيقي** سان وابسته آهي. (بهارِ شريعت ج 3 ص 354)

**سوال 5:** جنهن جو **عقيقو** نه ٿيل هجي، اهو جواني ۾ پنهنجو **عقيقو** ڪري سگهي ٿو؟

**جواب:** جي ها! جنهن جو **عقيقو** نه ٿيل هجي اهو جواني، پوڙهائپ ۾ به پنهنجو **عقيقو** ڪري سگهي ٿو. (فتاوٰي رضويه ج 20 ص 588) **جيئن رسولُ الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جن اعلانِ نُبُوَّت کان پوءِ پاڻ پنهنجو عقيقو ڪيو.** (مصنّف عبدالرّزاق ج 4 ص 254 حديث 2174)

# ڪچو حمل ڪِري پوڻ جي فضيلت

**سوال 6 :** ڇا حمل ڪِرڻ جي صورت ۾ **عقيقو** ڪرڻو پوندو؟

**جواب :** نه. ڪچو حمل ڪِري پوڻ جي ڪري عام طور تي ماءُ پيءُ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

تمام گهڻو پريشان ٿي ويندا آهن. انهن جي تسلي جي لاءِ عرض آهي تہ اهڙي موقعي تي صبر ڪري اجر ڪمائڻ گهرجي. ڪچو حمل ڪِرڻ ۾ ماءُ پيءُ جو تمام وڏو فائدو آهي. جيئن، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "بيشڪ ڪچو ٻار (يعني ماءُ جي پيٽان نامڪمل ڪِرڻ وارو) پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ سان (ان وقت) جهڳڙو ڪندو، جڏهن ان جي ماءُ پيءُ (جن جو ايمان تي خاتمو ٿيو هوندو پر عملن جي شامت جي ڪري انهن) کي **اللّٰه تعاليٰ** دوزخ ۾ داخل فرمائيندو، حڪم ٿيندو: اي پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ سان جهڳڙو ڪرڻ وارا ٻار! پنهنجي ماءُ پيءُ کي جنّت ۾ وٺي وڃ، ان ڪان پوءِ هو پنهنجي ناڙي[1] سان ٻنهي کي ڇڪيندو، ايستائين جو انهن کي جنّت ۾ وٺي ويندو. (ابن ماجه ج 2 ص 273 حديث 1608)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن روايت مان **ايمان** جي سلامتي جي اهميت بہ اُجاگر ٿي تہ شفاعت جي نعمت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ايمان جو سلامت هجڻ لازمي آهي. تنهنڪري هر هڪ کي پنهنجي ايمان جي سلامتي جو فڪر ڪرڻ گهرجي. يقينًا **ايمان** جي سلامتي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۾ پوشيده آهي ۽ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي رضا ان جي ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري ۾ آهي ۽ ايمان جي بربادي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي ۾ پوشيده آهي ۽ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي ان جي ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نافرماني ۾ آهي، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ

---

(1) يعني اهو آنڊو جيڪو ماءُ جي ٻچيدانيءَ ۾ ٻار جي پيٽ سان ڳنڍيل هوندو آهي ۽ جنهن کي پيدائش جي وقت ڪٽي جدا ڪيو ويندو آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

اسان کي ايمان جي سلامتي عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# مري ويل ٻار جو عقيقو

**سوال 7:** جيڪڏهن ٻار پيدا ٿيڻ کان پوءِ ستن ڏينهن کان اڳ ۾ فوت ٿي وڃي ته ان جي عقيقي جو ڇا ڪريون؟ جيڪڏهن مرڻ کان پوءِ ڪريون ته والدين جي شفاعت ڪندو يا نه؟

**جواب:** هاڻي **عقيقي** جي ضرورت ناهي، اهڙو ٻار شفاعت ڪري سگهندو. منهنجا آقا **اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت،** مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا: جيڪو مري وڃي ڪيڏي به عمر جو هجي ان جو **عقيقو** نٿو ٿي سگهي، ٻار جيڪڏهن ستين ڏينهن کان پهريان ئي مري ويو ته ان جو **عقيقو** نه ڪرڻ سان ان جي شفاعت وغيره تي ڪو اثر ناهي پوندو ته هو **عقيقي** جي وقت اچڻ کان اڳ ۾ ئي گذاري ويو. شريعت ۾ **عقيقي** جو وقت **ستون** ڏينهن آهي. جيڪو ٻار بالغ ٿيڻ کان پهريان مري ويو ۽ ان جو **عقيقو** ڪري ڇڏيو هو، يا **عقيقي** جي اِستِطاعت (يعني طاقت) نه هئي، يا ستين ڏينهن کان پهريان مري ويو، انهن سڀني صورتن ۾ اهو ماءُ پيءُ جي شفاعت ڪندو جڏهن ته اهي (يعني ماءُ پيءُ) دنيا مان ايمان سان ويا هجن. (فتاويٰ رضويه ج 20 ص 596، 597)

**سوال 8:** جيڪڏهن ڪنهن ستين ڏينهن کان اڳ ۾ ئي ٻار جو **عقيقو** ڪري ڇڏيو ته؟

**جواب:** جيتوڻيڪ عقيقي جو وقت ستين ڏينهن کان شروع ٿئي ٿو ۽

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

سنّت ۽ افضل بہ اهو ئي آهي، بهرحال ان کان اڳ ۾ ايستائين جو هڪ ڏينهن جي ٻار جو بہ **عقيقو** ڪري ڇڏيو تہ ٺيڪ ٿي ويو.

## ٻار جي ڪن ۾ ڪيترا ڀيرا اذان ڏيون؟

**سوال 9:** براءِ ڪرم! اِهو بہ ٻُڌايو تہ ڇوڪرو يا نياڻي پيدا ٿئي تہ ان جي ڪن ۾ اذان ڪڏهن ۽ ڪيترا ڀيرا ڏيون، ٻار جو نالو ڪهڙي ڏينهن رکون ۽ مٿي جا وار ڪهڙي ڏينهن صاف ڪرايون؟

**جواب:** جڏهن ٻار پيدا ٿئي تہ مُستَحَب هي آهي تہ ان جي ڪن ۾ اذان ۽ اِقامت چئي وڃي اذان چوڻ سان ان شآءَالله تعاليٰ مصيبتون دور ٿي وينديون. امام عالي مقام حضرت سيدنا حسين بن علي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي تہ سرڪار نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: جنهن شخص جي گهر ۾ ٻار پيدا ٿئي ان جي ساڄي ڪن ۾ اذان ۽ کاٻي ڪن ۾ اِقامت چئي وڃي تہ اُهو ٻار ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ **اُمُّ الصِّبيان** کان محفوظ رهندو. (مُسند ابي يعليٰ ج 6 ص 32 حديث 6747) **اُمُّ الصِّبيان** جي باري ۾ عاشقن جا امام، امام اهلسنّت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: (صَرع) وڏي خبيث بلا آهي جيڪڏهن ٻارن کي ٿئي تہ ان کي **اُمُّ الصِّبيان** چوندا آهن، نہ تہ صرع (مِرگهي). (ملفوظات اعليٰ حضرت ص 417) **"نُزهةُ القاري"** ۾ آهي: صرع جي معنيٰ بي هوش ٿي ڪِري پوڻ آهي، هي ڪڏهن اَخلاط[1] جي فساد جي ڪري ٿيندي آهي جنهن کي مِرگهي چوندا آهن ۽ ڪڏهن جن يا خبيث همزاد جي اثر سان ٿيندي آهي.(نزهة القاري ج 5 ص489)

(1) (خلط جو جمع آهي يعني مزاج- جسم جا چار مزاج آهن (1) صَفرا (يعني پت) (2)رت (3)بلغم ۽ (4) سَودا(سڙيل ڪارو بلغم)

فرمانِ مصطفيٰ ﷺ: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي.** (مجمع الزوائد)

**منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن **فرمائن ٿا:** **جڏهن ٻار پيدا ٿئي ته فورًا ساڄي ڪن ۾ اذان، کاٻي ۾ تڪبير چئي وڃي ته جيئن شيطان جي خلَل ۽ اُمُّ الصِّبيان کان بچي وڃي.** (فتاويٰ رضويہ ج 24 ص 452) **بهتر اِهو آهي ته ساڄي ڪن ۾ چار ڀيرا اذان ۽ کاٻي ڪن ۾ ٽي ڀيرا اقامت چئي وڃي.** (جيڪڏهن هڪ ڀيرو اذان ۽ اقامت چئي ته به ڪو حرج ناهي) **ستين ڏينهن ان جو نالو رکيو وڃي ۽ ان جو مٿو ڪوڙيو وڃي ۽ مٿو ڪوڙڻ جي وقت عقيقو ڪيو وڃي ۽ وارن جو وزن ڪري اوتري چاندي يا سون صَدَقو ڪيو وڃي.**
(بهارِ شريعت ج 3 ص 355)

# جلدي نالو رکڻ ڪيئن آهي؟

**سوال10:** توهان هاڻي ٻُڌايو ته ستين ڏينهن نالو رکيو وڃي، ته جيڪڏهن ڪنهن پهرئين يا ٻئي ڏينهن ئي نالو رکي ڇڏيو ته؟

**جواب:** ڪو حرج ناهي.

# ٻار جي مٿي تي زعفران مليو

**سوال11:** ٻُڌو آهي ته **عقيقي** ۾ ٻار جو مٿو ڪوڙڻ کان پوءِ مٿي تي زعفران هڻڻ گهرجي؟

**جواب:** توهان صحيح ٻُڌو آهي. حضرت سيّدُنا بُرَيدَه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي جاهليّت واري زماني ۾ جڏهن اسان مان ڪنهن وٽ ٻار پيدا ٿيندو هو ته اهو ٻڪري ذبح ڪندو هو ۽ ان جو **رت** ٻار جي مٿي تي هڻندو هو پوءِ جڏهن **اسلام** جو زمانو آيو ته اسان ٻڪري ذبح ڪندا هئاسين ۽ ٻار جو مٿو ڪوڙائيندا هئاسين ۽ مٿي تي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

**زعفران لڳائيندا هئاسين.** (ابوداؤد ج 3 ص 144 حديث 2843)

# مٿي تي زعفران لڳائڻ جو طريقو

ٿورڙو زعفران ضرورت مطابق پاڻي ۾ پسائي رکي ڇڏيو. جڏهن نرم ٿي وڃي ته انهي پاڻي ۾ چڱيءَ طرح مهٽي ٻار جي کوڙيل مٿي تي لڳائي ڇڏيو.

# هر عُمر ۾ ستون ڏينهن ڪڍڻ جو طريقو

**سوال 12:** جيڪڏهن ستين ڏينهن **عقيقو** نه ڪري سگهون ته ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** ڪو گناهه ناهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، **امامِ اهلسنّت مولانا شاهه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: **عقيقو** ولادت جي ستين ڏينهن سنّت آهي ۽ اهو ئي افضل آهي، نه ته **چوڏهين** يا **ايڪيهين** ڏينهن. (فتاويٰ رضويه ج 20 ص 586) **صدرُ الشّريعه، بدرُ الطّريقه،** حضرت علامه مولانا مفتي محمد **امجد علي اعظمي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى فرمائن ٿا: عقيقي جي لاءِ **ستون** ڏينهن بهتر آهي ۽ جيڪڏهن **ستين** ڏينهن نه ڪري سگهو ته جڏهن چاهيو ڪري سگهو ٿا، سنّت ادا ٿي ويندي. ڪن اهو چيو آهي ته ته **ستين** يا **چوڏهين** يا **ايڪيهين** ڏينهن يعني ستن ڏينهن جو لحاظ رکيو وڃي، اِهو بهتر آهي. ۽ ياد نه رهي ته هيئن ڪريو جو ٻار جنهن ڏينهن پيدا ٿيو ان ڏينهن کي ياد رکو ان کان هڪ ڏينهن پهريان وارو ڏينهن جڏهن اچي ته اهو **ستون** ڏينهن ٿيندو، مثلاً **جمعي** تي پيدا ٿيو ته خميس **ستون** ڏينهن آهي ۽ ڇنڇر تي پيدا ٿيو ته **ستون** ڏينهن **جمعو** ٿيندو، پهرين صورت ۾ خميس جي ڏينهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

۽ ٻي صورت ۾ جمعي جي ڏينهن عقيقو ڪندو تہ اهو ستين ڏينهن ۾ شمار ٿيندو. (بهارِ شريعت ج 3 ص 356)

## شادي جي جانور ۾ عقيقي جي نيّت ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال13:** شادي جي جانور ۾ ڪجهہ ماڻهو گهوٽ يا ٻين عزيزن جي **عقيقي** جي نيّت ڪري ڇڏيندا آهن، ڇا ان طرح **عقيقو** ٿي ويندو آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن جانور قرباني جي شرطن مطابق هجي ۽ ڪا شرعي رڪاوٽ بہ نہ هجي تہ **عقيقو** ٿي ويندو.

## ڳئون ۾ ڪيترا عقيقا ٿي سگهن ٿا؟

**سوال14:** ڳئون ۾ ڪيترا **عقيقا** ٿي سگهن ٿا؟

**جواب:** هن معاملي ۾ عقيقي جا مسائل قرباني وانگر آهن، ۽ ڳئون ۾ ست حصا ٿيندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح ست **عقيقا** بہ ٿي سگهن ٿا.

## قرباني جي جانور ۾ عقيقي جو حصو

**سوال 15:** ڇا قرباني جي ڳئون ۾ بہ **عقيقي** جو حصو وجهي سگهون ٿا؟

**جواب:** جي ها.

## ٻارن جي نالن جي باري ۾ مدني گل

**سوال 16:** ٻار جو نالو رکڻ جي باري ڪجهہ مدني گل عنايت فرمايو.

**جواب:** **صدرُ الشَّريعہ، بدرُ الطَّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی **فرمائن ٿا:** ٻار جو سنو نالو رکيو وڃي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (كنز العمال)

هندستان ۾ ڪافي ماڻهن جا اهڙا نالا آهن جن جي ڪابہ معنيٰ ناهي يا انهن جي بُري معنيٰ آهي، اهڙن نالن کان پرهيز ڪريو. انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي مبارڪ نالن، صحابہ ڪرام، تابعين ۽ بزرگانِ دين (رِضْوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن) جي نالن تي نالو رکڻ بهتر آهي. اميد آهي تہ انهن جي برڪت ٻار سان شامل حال رهندي. (بهارِ شريعت ج 3 ص356) اُمُّ الْمُومِنِين حضرت سيِّدَتُنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان روايت آهي تہ نبي رحمت، شفيعِ اُمت، شهنشاهِ نُبُوَّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: نيڪن جي نالي تي نالو رکو ۽ پنهنجون حاجتون سٺن چهرن وارن کان طلب ڪريو. (الفردوس بماثور الخطاب ج 2 ص 58 الحديث 2329)

صدرُالشَّريعہ، بدرُالطَّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى فرمائن ٿا: عبداللّٰه ۽ عبدالرحمٰن تمام سٺا نالا آهن پر هن زماني ۾ اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ عبدالرحمٰن جي بجاءِ ان شخص کي ماڻهو رحمٰن چوندا آهن ۽ غير خدا کي رحمٰن چوڻ حرام آهي. اهڙيءَ طرح نالن ۾ بہ اڪثر ڪري تَصغِير جو رواج آهي، يعني نالي کي اهڙيءَ طرح بگاڙيندا آهن جنهن مان حقارت نڪرندي آهي ۽ اهڙن نالن ۾ تصغير هرگز نہ ڪئي وڃي. تنهن ڪري جتي اِهو گمان هجي تہ نالن ۾ تَصغِير ڪئي ويندي اتي هي نالا نہ رکيا وڃن ٻيا نالا رکيا وڃن. (بهارِ شريعت ج 3 ص 356)

## محمد نالو رکڻ جون چار فضيلتون

**سوال17:** ”محمّد“ نالو رکڻ جون فضيلتون ارشاد فرمايو؟

**جواب:** هن ضمن ۾ چار فرامينِ صادق و امين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عرض

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب و ترهيب)

**ڪريان ٿو: ﴿1﴾ جنهن جي گهر ۾ ڇوڪرو پيدا ٿئي ۽ اهو منهنجي محبت ۽ منهنجي نالي ڪان برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ان جو نالو محمد رکي اهو** (يعني نالي رکڻ وارو پيءُ) **۽ ان جو پٽ ٻئي بهشت** (يعني جنّت) **۾ ويندا.** (ڪنز العمال ج 16 ص 175 حديث 45215) **﴿2﴾ قيامت جي ڏينهن ٻہ شخص ربُّ العزّت جي حضور پيش ڪيا ويندا. حڪم ٿيندو: انهن کي جنّت ۾ وٺي وڃو. عرض ڪندا: الاهي**(عَزَّوَجَلَّ)**! اسان ڪهڙي عمل تي جنّت جا قابل ٿياسين؟ اسان تہ جنّت جو ڪو ڪم ڪيو ئي ناهي! ارشاد ٿيندو: جنّت ۾ وڃو، مون عهد** (يعني قسم) **فرمايو آهي تہ جنهن جو نالو احمد يا محمد آهي، اهو دوزخ ۾ نہ ويندو.** (الفردوس بماثور الخطاب ج 5 ص 485 حديث 8837، فتاوٰي رضويہ ج 24 ص 687) **﴿3﴾ توهان مان ڪنهن جو ڪهڙو نقصان آهي جيڪڏهن ان گهر ۾ هڪ محمد يا ٻہ محمد يا ٽي محمد هجن.** (الطبقاتِ الڪبريٰ لابن سعد ج 5 ص 40) **﴿4﴾ جڏهن ڇوڪري جو نالو محمد رکو تہ ان جي عزّت ڪريو ۽ مجلس ۾ ان جي لاءِ جڳهہ ڪشادي ڪريو ۽ ان جي بُرائي ڏانهن نسبت نہ ڪريو.** (الجامع الصغير للسيوطي ص 49 حديث 706)

## محمد نالي رکڻ جون ٻہ نيتون

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن سٺي نيّت کان سواءِ فقط ائين ئي محمد نالو رکي ڇڏيو تہ ثواب نہ ملندو ڇو تہ ثواب ڪمائڻ جي لاءِ سٺي نيّت جو هجڻ شرط آهي ۽ حديث پاڪ نمبر (1) ۾ ٻن سٺين نيّتن جي صراحت** (يعني وضاحت) **بہ آهي تہ تاجدارِ رسالت** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **سان محبت ۽ پاڻ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي نالي مبارڪ مان**

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

برڪت حاصل ڪرڻ جي نيّت سان محمد نالو رکڻ واري خوشنصيب پيءُ ۽ محمد نالي پٽ جي لاءِ جنّت جي بشارت آهي. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فتاويٰ رضويہ جلد 24 ص 691 تي فرمائن ٿا: بهتر هي آهي تہ صرف محمد يا احمد نالو رکي ان سان گڏ "جان" وغيره يا ڪو ٻيو لفظ نہ ملائي ڇوتہ فضيلتون صرف اڪيلي انهيءَ مبارڪ نالي جون آيون آهن. اڄڪلهہ مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ نالو بگاڙڻ جي وبا عام آهي. حالانڪ ائين ڪرڻ گناهہ آهي ۽ محمد نالي جو بگاڙڻ تہ تمام ئي سخت تڪليف ده آهي. تنهن ڪري عقيقي ۾ نالو محمد يا احمد رکي ڇڏيو ۽ سڏڻ جي لاءِ مثال طور بلال رضا، هِلال رضا، جمال رضا، ڪمال رضا ۽ زيد رضا وغيره رکيو وڃي. اهڙي طرح ڇوڪرين جا نالا بہ صحابيات ۽ وليات جي نالن تي رکڻ مناسب آهن جيئن سڪينہ، زَرينہ، جميلہ، فاطمہ، زينب، مَيمونہ، مريم وغيره.

## عقيقي ۾ ڪيترا جانور هجڻ گهرجن؟

**سوال 18:** ٻار يا ٻارڙي جي **عقيقي** ۾ جانورن جي تعداد جي باري ۾ بہ ارشاد فرمايو.

**جواب:** ڇوڪري جي لاءِ بہ ۽ ڇوڪريءَ جي لاءِ هڪ هجي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: (ٻنهي جي لاءِ) گهٽ ۾ گهٽ هڪ (هڪ جانور) تہ آهي ئي آهي ۽ پٽ جي لاءِ بہ (جانور) افضل آهن، (پٽ جي لاءِ ٻن جي) اِستِطاعت (يعني طاقت) نہ هجي تہ هڪ بہ ڪافي آهي. (فتاويٰ رضويه ج 20 ص 586)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

## عقيقي جو جانور ڪهڙو هجي؟

**سوال 19: عقيقي** جو جانور ڪهڙو هجڻ گهرجي؟

**جواب:** ڪاسائيءَ ڪان **عقيقي** جي لاءِ جانور خريدڻ جي باري ۾ پُڇيل هڪ سوال جي جواب ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: انهن مسئلن ۾ **عقيقي** جا احڪام قربانيءَ وانگر آهن، عضوا سلامت هجن، ٻڪر يا ٻڪري هڪ سال ڪان گهٽ هوندي تہ جائز ناهي، رڍ، دنبو ڇهن مهينن جو هجي تہ بہ ٿي سگهي ٿو، جڏهن تہ ايترو ٿلهو متارو هجي جو سال وارن ۾ ملائي ڇڏجي تہ پري ڪان مُتَمَيِّز نہ هجي (يعني ڏسڻ ۾ هڪ سال جو نظر اچي) (فتاويٰ رضويه ج 20 ص 584) **عقيقي** جي جانور جي باري ۾ حضرت علامہ شامي قُدِّسَ سِرُّهُ السَّامِي فرمائن ٿا: ”بدائع“ ۾ آهي: افضل قرباني هي آهي تہ دنبو چٽڪبرو سڱن وارو ۽ خصي هجي. (ردالمحتار ج 9 ص 549)

## جانور جي عمر ۾ شڪ هجي تہ؟

**سوال 20: عقيقي** يا **قرباني** جي جانور جي عمر ۾ شڪ هجي تہ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** عمر گهٽ هجڻ جو شڪ هجي تہ ان جانور جي قرباني يا **عقيقو** نہ ڪري. هن سلسلي ۾ فتاويٰ رضويہ جلد **20** ص **583** ۽ **584** تان بہ جُزئيات ملاحظہ فرمايو: **(1)** پوري سال ڪان گهٽ عمر واري ٻڪري جو **عقيقو** يا **قرباني** نہ ٿيندي، جيڪڏهن شڪ واري حالت آهي تہ اها بہ ائين ئي آهي جو پوري سال جي نہ هجڻ ئي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

معلوم ٿئي، لِاَنَّ عَدَمَ الْعِلْمِ بِتَحَقُّقِ الشَّرْطِ كَعِلْمِ الْعَدَمِ (شرط جي موجود هجڻ جو علم نہ هجڻ، ائين ئي آهي جيئن ان شيء جي نہ هجڻ جو علم هجي) **(2)** جڏهن تہ پورو سال مڪمل هجڻ ۾ شڪ آهي تہ ان جو **عقيقو** نہ ڪريو، ۽ (جانور وڪڻڻ واري) ڪاسائيءَ جي ڳالهہ هتي ڪافي ناهي. ڇوتہ (جانور) ڪپڻ ۾ ان (يعني ڪپائڻ واري) جو نفعو آهي، ۽ (سال جو جانور جيڪو ڏند پيچي ٿو ان اجا نہ پيڳا آهن، هي) ظاهري حالت ان (ڪپائڻ واري) جي ڳالهہ (يعني جانور ڪامل هجڻ جي دعويٰ) کي رد ڪري رهي آهي. وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَمُ. (ڳالهہ جو خلاصو هي آهي تہ جيڪڏهن جانور جي عمر تي شڪ هجي تہ هي بڪر سال جو نہ ٿو لڳي يا ڳئون (وغيره) شايد ٻن سالن کان گهٽ عمر جي آهي تہ اهڙي مشڪوڪ حالت ۾ ان جانور جي قرباني يا **عقيقو** نہ ٿو ٿي سگهي)

## عقيقي جي گوشت جي تقسيم جو مسئلو

**سوال21: عقيقي** جي گوشت جي تقسيم ڪهڙي طرح ڪريون؟

**جواب:** منهنجا آقا اعليٰ حضرت، **امامِ اهلسنّت،** مولانا شاهہ **امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: **عقيقي** جي گوشت جا بہ قربانيءَ وانگر ٽي حصا ڪرڻ مُستَحَب آهي، هڪ پنهنجو، هڪ رشتيدارن جو، هڪ مسڪينن جو. چاهي تہ سڀ ڪائي ڇڏي يا سڀ ورهائي ڇڏي، جيئن قرباني. (فتاويٰ رضويہ ج 20 ص 584)

## پچائي ڪارايون يا ڪچو ورهايون؟

**سوال 22: عقيقي** جو گوشت پچائي ڪارائڻ افضل آهي يا ڪچو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو.** (طبراني)

ورهائي ڇڏيون؟

**جواب:** پچائي ڪارائڻ ڪچي ورهائڻ کان افضل آهي. (ايضًا)

## عقيقي جو گوشت ماءُ پيءُ ڪائي سگهن ٿا يا نہ؟

**سوال 23 :** ڇا **عقيقي** جي گوشت ۾ ماءُ پيءُ جو بہ حصو آهي؟

**جواب:** ائين تہ ڪنهن جو بہ حصو ضروري ناهي، البت مُستَحَب تقسيم جو بيان ٿي چُڪو. هي جيڪو مشهور آهي تہ ماءُ پيءُ نہ ٿا ڪائي سگهن اِها غلط ڳالهہ آهي. ماءُ پيءُ، ڏاڏو ڏاڏي، نانو ناني وغيره سڀ مسلمان ڪائي سگهن ٿا.

## ڪافرياڻي دائيءَ کان ويم ڪرائڻ حرام آهي

**سوال 24:** چون ٿا تہ **عقيقي** جي گوشت مان حجم ڪي مُنڊي ۽ دائيءَ (Midwife) کي ران ڏيڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن دائي ڪافرياڻي هجي تہ ڇا ڪجي؟

**جواب:** منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويہ ج 20 ص 588 تي فرمائن ٿا: مُنڊي حجم کي ڏيڻ جو نہ ڪٿي حڪم آهي نہ ممانعت، هڪ رواجي (يعني رسم ۽ رواج جي) ڳالهہ آهي، (ڏيڻ ۾ حرج ناهي) دائي (Midwife) کي ران ڏيڻ جو حڪم البت حديث (مان ثابت) آهي، پر ڪافرياڻي کان هي (يعني ويم جو) ڪم ونڻ حرام آهي. ڪافر عورت کان مسلمان عورت کي ائين ئي پردي جو حڪم آهي جيئن مرد کان، جو کان سواءِ منهن جي ٽِڪلي ۽ هٿن، پيرن جي ترين جي ڪجهہ نہ ڏيکاري،

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.** (طبراني)

ته پوءِ خاص ويم جو ڪم ڪيئن جائز ٿي سگهي ٿو. ”ردالمحتار“ ۾ آهي: ”مسلمان عورت کي يهودي يا نصراني يا مشرڪ عورت جي سامهون اگهاڙو ٿيڻ حلال ناهي سواءِ ان جي جو اها ان جي ٻانهي هجي. (ردالمحتار ج 9 ص 613) **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: پوءِ جيڪڏهن ڪنهن پنهنجي حماقت سان ان (يعني ڪافر عورت کان ڊليوري ڪرائڻ جي) گناهه جو ارتڪاب ڪيو، اَوْكَانَ صَحِيْحُ الْاِضْطِرَارِ اِلَيْهِ (يعني يا ان جي صحيح سخت مجبوري هجي) ته ان (ڪافرياڻي) کي ران وغيره ڪجهه به نه ڏيو جو ڪافرن جو صدقات وغيره ۾ ڪجهه حق ناهي. نه ان کي ڏيڻ جي (شرعًا) اجازت. (فتاويٰ رضويه ج 20 ص 588، 589) صفحي **588** تي هن کان اڳئين فتويٰ ۾ ارشاد فرمائن ٿا: ڀنگياڻي يا ڪنهن ڪافرياڻي کي دائي (Midwife) بنائڻ سخت حرام آهي. سو ڪافرياڻي کي ران نه ڏني وڃي، ۽ وارن جي چاندي مسڪين جو حق آهي، حجم مسڪين هجي ته ڏيڻ ۾ حرج ناهي. اصل حڪم اهو آهي پوءِ جنهن ان جي خلاف ورزي ڪئي ڀنگياڻيءَ کي ران، مالدار حجم کي چاندي ڏني ته بُرو ڪيو، پر **عقيقو** ٿي ويو، مُنڊيءَ جي باري ۾ ڪو خاص حڪم ناهي جنهن کي چاهي ڏئي. جنهن جو **عقيقو** نه ٿيو هجي اهو جواني يا پوڙهائپ ۾ به پنهنجو **عقيقو** ڪري سگهي ٿو.

وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَمُ.

## عقيقي جي کل جو استعمال

**سوال25:** عقيقي جي جانور جي کل جو ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** ان جي گوشت ۽ کل جو به اهو ئي حڪم آهي جيڪو قربانيءَ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

جي جانور جي گوشت ۽ کل جو، کل کي باقي رکندي يا اهڙي شيءِ سان بدلائي جنهن کي باقي رکي نفعو حاصل ڪري سگهجي ٿو پنهنجي استعمال ۾ آڻي يا مسڪين کي ڏئي يا ٻئي ڪنهن نيڪ ڪم مثال طور مسجد يا مدرسي ۾ استعمال ڪري.

(بهارِ شريعت ج3 ص357)

## کل مزدوريءَ ۾ ڏيڻ ڪيئن آهي؟

**سوال 26:** ڇا ڪاسائيءَ کي عقيقي جي جانور جي کل اُجرت (يعني مزدوريءَ) ۾ ڏئي سگهون ٿا؟

**جواب:** نه ٿا ڏئي سگهو. (ايضاً ص 346) اهڙي طرح حجم کي مُنڊي يا دائي (Midwife) کي ران مزدوريءَ ۾ ڏيڻ جي شريعت ۾ اجازت ناهي.

## ڪير ذبح ڪري؟

**سوال 27 :** عقيقي جو جانور ڪير ذبح ڪري؟

**جواب:** منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: پيءُ جيڪڏهن حاضر ٿيو ۽ ذبح تي قادر هجي ته انهيءَ جو ذبح ڪرڻ بهتر آهي جو هي نعمت جو شڪر آهي. جنهن تي نعمت ٿي اهو ئي پنهنجي هٿ سان شڪر ادا ڪري. اهو نه هجي يا ذبح نه ڪري سگهي ته ٻئي کي اجازت ڏئي ڇڏي.

(فتاويٰ رضويه ج 20 ص 575)

## عقيقي جي دعا

**سوال 28 :** عقيقي جي دعا ڪير پڙهي؟ ذبح ڪندڙ يا پيءُ؟

**جواب:** جيڪو ذبح ڪري اهو ئي دعا پڙهي. پڻ جي عقيقي ۾ پيءُ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

ذبح ڪري (تہ ذبح کان پهريان) دعا هيئن پڙهي:

اَللّٰهُمَّ هٰذِهٖ عَقِيْقَةُ ابْنِیْ فُلاَنٍ دَمُهَا بِدَمِهٖ وَلَحْمُهَا بِلَحْمِهٖ وَعَظْمُهَا بِعَظْمِهٖ وَجِلْدُهَا بِجِلْدِهٖ وَشَعْرُهَا بِشَعْرِهٖ اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهَا فِدَاءً لِابْنِیْ مِنَ النَّارِ بِسْمِ اللهِ اَللهُ اَكْبَرُ۔

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! هي منهنجي فلاڻي پٽ جو عقيقو آهي، هِن جو رت هُن جي رت، هِن جو گوشت هُن جي گوشت، هِن جي هڏي هُن جي هڏي، هِن جي کل هُن جي کل ۽ هِن جا وار هُن جي وارن جي بدلي ۾ آهن. اي الله عَزَّوَجَلَّ! هن کي منهنجي پٽ جي لاءِ جهنم جي باهہ کان فديو بڻاءِ. الله تعاليٰ جي نالي سان، الله سڀ کان وڏو آهي

(دعا ختم ڪري فورًا ذبح ڪري)

فلاڻي جي جاءِ تي پٽ جو جيڪو نالو آهي اهو وٺي، نياڻي هجي تہ ٻنهي جڳهن تي اِبْنِي جي جاءِ تي بِنْتِي ۽ پنجن جڳهن تي ہٖ جي جاءِ تي **ها** چوي ۽ ٻيو شخص ذبح ڪري تہ ٻنهي جڳهن تي اِبْنِي فُلَان يا بِنْتِي فُلَان جي جڳهہ تي فلان اِبنِ فلان يا فُلانَه بِنتِ فُلانَه چوي. ٻار جي ان جي پيءُ جي طرف نسبت ڪري. (فتاويٰ رضويہ ج 20 ص 585 ملخصاً) مثلاً: محمد رضا بن محمد علي.

## ڇا دعا پڙهڻ ضروري آهي؟

**سوال 29:** ڇا دعا پڙهڻ کان سواءِ **عقيقو** نہ ٿيندو؟

**جواب:** بنا دعا پڙهڻ جي ذبح ڪرڻ سان بہ **عقيقو** ٿي ويندو.

(بهارِ شريعت ج 3 ص 357)

## عقيقي جي گوشت جون هڏيون ٽوڙڻ ڪيئن آهي؟

**سوال30 :** ڇا اهو صحيح آهي تہ **عقيقي** جي جانور جون هڏيون نہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلىٰ)

ٽوڙيون وڃن!

**جواب :** بهتر اِهو آهي تہ ان جي هڏي نہ ٽوڙي وڃي بلڪ هڏين تان گوشت لاٿو وڃي. هي ٻار جي سلامتيءَ لاءِ سٺو سَوڻ آهي. ۽ هڏي ٽوڙي گوشت ٺاهيو وڃي تہ ان ۾ بہ حرج ناهي. (ايضاً)

## مٺو گوشت

**سوال31 :** ڇا **عقيقي** جو گوشت پچائڻ جو بہ ڪو خاص طريقو آهي؟

**جواب :** صدرُ الشَّريعہ، بدرُالطَّريقه، حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: گوشت ڪي جهڙيءَ طرح چاهيو پچائي سگهو ٿا مٺو پچايو وڃي تہ ٻار جا اخلاق سٺا ٿيڻ جو سَوڻ آهي. (ايضاً) **مٺو گوشت بنائڻ جا ٻہ طريقا:** (1) هڪ ڪلو گوشت، اڌ ڪلو مٺي ڏهي، ست داڻا ننڍا ڦوٽا، 50 گرام بادام، ضرورت مطابق گيهہ يا تيل ملائي پچايو، پوءِ کنڊ ضرورت مطابق چاشني وجهو. خوبصورتي جي لاءِ گجر ڪي سنهو ڪُتري ۽ پڻ ڪشمش وغيره بہ وجهي سگهجي ٿو. (2) هڪ ڪلو ۾ اڌ ڪلو چقندر (گوگڙو) وجهي معمول مطابق پچايو.

**سوال32 :** **عقيقي** جي موقعي تي جيڪي تحفا ڏنا ويندا آهن سي ڪيئن آهن؟

**جواب:** اڄڪلهہ عام طرح سان دعوت جو انتظام ڪري عزيزن، مائٽن کي گهرايو ويندو آهي جيڪو هڪ سٺو عمل آهي. ۽ شرڪت ڪرڻ وارا مهمان ٻار جي لاءِ تحفا آڻيندا آهن اِهو بہ ڀلو ڪم آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

البت هتي ڪجهہ تفصيل آهي: جيڪڏهن مهمان کو تحفو نہ آندو تہ ڪڏهن ڪڏهن ميزبان يا سندس گهر وارا مهمان جي گلا ڪرڻ جي گناهہ ۾ پئجي ويندا آهن، تہ جتي يقيني طور تي يا غالب گمان سان اهڙي صورتحال هجي اُتي مهمان کي گهرجي تہ بنا مجبوري جي نہ وڃي، ضرورتًا وڃي ۽ تحفو کڻي وڃي تہ حرج ناهي، البت ميزبان انهي نيّت سان ورتو تہ جيڪڏهن مهمان تحفو نہ آڻي ها تہ هي يعني ميزبان هِن (مهمان) جون برائيون بيان ڪري ها يا بطور خاص نيّت تہ ناهي مگر هِن (ميزبان) جو اهڙو بُرو معمول آهي تہ جتي هِن کي (يعني ميزبان کي) غالب گمان هجي تہ آڻيندڙ انهي طور تي يعني (ميزبان جي) شر کان بچڻ جي لاءِ آندو اٿس تہ هاڻي وٺندڙ ميزبان گنهگار ۽ عذابِ نار جو حقدار آهي ۽ هي تحفو اُن جي حق ۾ رشوت آهي. ها جيڪڏهن برائي بيان ڪرڻ جي نيّت نہ هجي ۽ نہ هِن جو اهڙو برو معمول هجي تہ تحفو قبول ڪرڻ ۾ حرج ناهي.

**نوٽ:** هي رسالو پهرئين ڀيري ماه شيخ عبدالقادر 7 ربيع الآخر 1428هہ بمطابق 25-4-2007 تي ترتيب ڏنو ويو ۽ ڪيئي ڀيرا شايع ٿيو، وري 5 ذُوالقعدةِ الحرام 1433هہ بمطابق 23-9-2012 ۾ هن تي نظرثاني ڪئي وئي.

## ماخذ ۽ مراجع



| ڪتاب | مطبوعہ | ڪتاب | مطبوعہ |
|---|---|---|---|
| سنن ابو داود | داراحياءالتراث العربی بيروت | مجمع الزوائد | دار الفکر بيروت |
| سنن ترمذی | دارالفکر بيروت | الطبقات الکبریٰ | دار الکتب العلمية بيروت |
| ابن ماجه | دارالمعرفة بيروت | اشعةاللمعات | کوئيته |
| مصنف عبدالرزاق | دار الکتب العلمية بيروت | نزهة القاري | فريد بک استال |
| معجم کبير | داراحياءالتراث العربی بيروت | ردالمحتار | دارالمعرفة بيروت |
| مسند ابي يعليٰ | دار الکتب العلمية بيروت | فتاوٰی رضويہ | رضا فاؤنڈيشن مرکزالاولياء لاہور |
| الفردوس بماثورالکتاب | دار الکتب العلمية بيروت | بهارِ شريعت | مکتبة المدينه باب المدينه کراچی |
| الجامع الصغير | دارالکتب العلمية بيروت | ملفوظاتاعلي حضرت | مکتبة المدينه باب المدينه کراچی |
| کنزالعمال | دارالکتب العلمية بيروت | اسلامي زندگي | مکتبة المدينه باب المدينه کراچی |

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| دُرُود پاڪ جي فضيلت | 2 | محمد نالي رکڻ جون ٻه نيتون | 12 |
| عقيقي جي معنيٰ | 2 | عقيقي ۾ ڪيترا جانور هجڻ گهرجن؟ | 13 |
| ڇا عقيقو نه ڪرڻ گناهه آهي؟ | 3 | عقيقي جو جانور ڪهڙو هجي؟ | 14 |
| ٻنا عقيقي جي مرڻ وارو ٻار شفاعت ڪندو يا نه؟ | 3 | جانور جي عمر ۾ شڪ هجي ته؟ | 14 |
| ڪچو حمل ڪِري پوڻ جي فضيلت | 4 | عقيقي جي گوشت جي تقسيم جو مسئلو | 15 |
| مري ويل ٻار جو عقيقو | 6 | پچائي ڪارايون يا ڪچو ورهايون؟ | 15 |
| ٻار جي ڪن ۾ ڪيترا ڀيرا اذان ڏيون؟ | 7 | عقيقي جو گوشت ماءُ پيءُ ڪائي سگهن ٿا يا نه؟ | 16 |
| جلدي نالو رکڻ ڪيئن آهي؟ | 8 | ڪافرياڻي دائيءَ کان ويم ڪرائڻ حرام آهي | 16 |
| ٻار جي مٿي تي زعفران مليو | 8 | عقيقي جي کل جو استعمال | 17 |
| مٿي تي زعفران لڳائڻ جو طريقو | 9 | کل مزدوريءَ ۾ ڏيڻ ڪيئن آهي؟ | 18 |
| هر عُمر ۾ ستون ڏينهن ڪڍڻ جو طريقو | 9 | ڪير ذبح ڪري؟ | 18 |
| شادي جي جانور ۾ عقيقي جي نيّت ڪرڻ ڪيئن؟ | 10 | عقيقي جي دعا | 18 |
| ڳئون ۾ ڪيترا عقيقا ٿي سگهن ٿا؟ | 10 | ڇا دعا پڙهڻ ضروري آهي؟ | 19 |
| قرباني جي جانور ۾ عقيقي جو حصو | 10 | عقيقي جي گوشت جون هڏيون ٽوڙڻ ڪيئن ؟ | 19 |
| ٻارن جي نالن جي باري ۾ مدني گل | 10 | مٺو گوشت | 20 |
| محمد نالو رکڻ جون چار فضيلتون | 11 | ماخذ ۽ مراجع | 21 |


## ترجمو پيشڪش

**مجلسِ تراجم** (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي پيشي نظر اچي ته **مجلس تراجم** کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجندؤ.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**
**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران**
**پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**
**فون نمبر: 021-34921389-90-91**
*E-mail: majlistarajim@dawateislami.net*

